

# مان نثار تنهجي ڪلام تي

**26-September-2024**

هفتيوار سنتن ڀري اجتماع ۾ ٿيڻ وارو

سُنّتن ڀريو بيان

(for Islamic Brothers)

26 سيپٽمبر، 2024ء (بمطابق: 21 ربيعُ الاوّل، 1446ھ) تي پاڪستان جي هفتيوار اجتماعن ۾ ٿيڻ وارو بيان

# مان نثار تنهنجي ڪلام تي

هن بيان ۾ توهان ڄاڻي سگهندؤ...

- ✿... منبر شريف جهومڻ لڳو
- ✿... ڪوهہ جو پاڻي منو ٿي ويو
- ✿... خواب جي ڳالهہ سچ ٿي وئي
- ✿... پوڙهائپ ڪيئن گذاريون؟

پيشڪش

اَلْمَدِيْنَةُ الْعِلْمِيہ (اسلامڪ ريسرچ سينٽر)

(شعبہ بياناتِ دعوتِ اسلامي)

ترجمو: ٽرانسليشن ڊيپارٽمنٽ (دعوت اسلامي)

اَلْحَمْدُ لِلّٰهِ رَبِّ الْعٰلَمِيْنَ وَالصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلٰى سَيِّدِ الْمُرْسَلِيْنَ

اَمَّا بَعْدُ فَاَعُوْذُ بِاللّٰهِ مِنَ الشَّيْطٰنِ الرَّجِيْمِ ؕ بِسْمِ اللّٰهِ الرَّحْمٰنِ الرَّحِيْمِ ؕ

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا رَسُوْلَ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا حَبِيْبَ الله

اَلصَّلٰوةُ وَالسَّلَامُ عَلَيْكَ يَا نَبِيَّ الله وَعَلٰى اٰلِكَ وَاَصْحٰبِكَ يَا نُوْرَ الله

نَوَيْتُ سُنَّتَ الْاِعْتِكَافِ (ترجمو: مون سنّتِ اعتڪاف جي نيّت ڪئي)

# درودِ پاڪ جي فضيلت

امير اهل سُنت مولانا محمد الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه جي درود پاڪ جي فضيلت تي لکيل ڪتاب”اَربعينِ عطّار حصّو 2“ جي صفحي: 1 تي آهي:

فرمانِ آخري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: "جڏهن اوهان مان ڪو مسجد ۾ داخل ٿئي تہ نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام پيش ڪري ۽ عرض ڪري: اي اللّٰه پاڪ! مون لاءِ پنهنجي رحمت جا دروازا کولي ڇڏ. ۽ جڏهن مسجد مان ٻاهر نڪري تڏهن بہ نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم تي سلام موڪلي ۽ هيئن عرض ڪري: اَللّٰهُمَّ بَاعِدْنِی مِنَ الشَّيْطَانِ (يعني اي اللّٰه پاڪ! مون کي شيطان کان پري رک.)

(سنن کبریٰ للنسائی،6/ 27،حديث: 9918)

بیٹھتے اٹھتے، جاگتے سوتے | ہو اِلٰہی مرا شِعَار درود[(1)]

وضاحت: يا اللّٰه پاڪ! اهڙي توفيق عطا فرما تہ ويهندي، اٿندي، سمهندي ۽ جاڳندي ۾، هر وقت درودِ پاڪ پڙهڻ جي عادت بڻجي وڃي.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1... ذوقِ نعت، صفحہ:124۔

# بيان ٻڌڻ جون نيّتون

حديثِ پاڪ ۾ آهي: اَلنِّيَّةُ الْحَسَنَةُ تُدْخِلُ صَاحِبَهَا الْجَنَّةَ سچي نيت ٻانهي کي جنت ۾ داخل ڪري ڇڏيندي آهي.[1]

اي عاشقانِ رسول! سنين سنين نيتن سان عمل جو ثواب وڌي ويندو آهي. اچو! بيان ٻڌڻ کان پهريان سنيون سنيون نيتون ڪري وٺون ٿا، مثال طور نيت ڪريو! ❁ رضاءِ الٰهي جي لاءِ مڪمل بيان ٻڌندس ❁ اَدَب سان ويهندس ❁ بيان دوران سُستي کان بچندس ❁ پنهنجي اِصلاح جي لاءِ بيان ٻُڌندس ❁جيڪو ٻُڌندس، اهو ٻين تائين پهچائڻ جي ڪوشش ڪندس.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## هنن ڪلمن (لفظن) جي گهرائي ته سمند جهڙي آهي

هڪ صحابي ٿي گذريا آهن: حضرت ضِمَاد بن ثَعْلَبَه اَزْدِي رَضِيَ اللّٰهُ عنه. سندن ابتداءِ اسلام ۾ ئي ايمان قبول ڪري ورتو هو بلڪ سندن اهي خوش قسمت آهن جو پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم اعلانِ نبوت اجان نہ فرمايو هو ان کان اڳ ۾ بہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جا اهي دوست هئا.[2]

حضرت ضِمَاد بن ثَعْلَبَه اَزْدِي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ هڪ طبيب (ڊاڪٽر) هئا ۽ اُن دور جي طور طريقن مطابق دم وغيره ڪندا هئا. پاڻ رَضِيَ اللهُ عَنْهُ يمن ۾ رهندا هئا ۽ اُتي ئي ماڻهن جو علاج ڪندا هئا. سندن اسلام قبول ڪرڻ جو واقعو تمام دلچسپ آهي. اچو! ٻڌون ٿا:[3]

---

1 مسند فِرْدَوس، جلد:4، صفحه:305، حديث:6895۔

2 استيعاب، جلد:4، صفحه:457۔

3... الاستيعاب، جلد:2، صفحه:303۔

**مسلم شريف** ۾ حضرت عبدالله بن عباس رَضِیَ اللہ عَنۡہُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: جناب ضِمَاد (جيڪي ان وقت تائين مسلمان نہ ٿيا هئا) ۽ منتر وغيره ڪري جِنّ ڪيڊندا هئا. هڪ ڏينهن سندن مڪہ معظمہ آيا. هتي غير مسلمن مشهور ڪري ڇڏيو هيو تہ حضرت محمد صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم (معاذ الله!) مَجنون ٿي ويا آهن. جناب ضِمَاد جڏهن اِها ڳالھ ٻڌي تہ چيائون: مان انهن کي ڏسان، ٿي سگهي ٿو تہ منهنجي منتر سان انهن کي شفا ملي وڃي. پوءِ جناب ضِمَاد بارگاهِ رسالت ۾ حاضر ٿيا.

سُبۡحٰنَ الله! ان پاڪ بارگاھ جي شان ئي نرالي آهي...!! مولانا حسن رضا خان رَحۡمَۃُاللہِ عَلَیۡہ لکن ٿا:

اُن کے جلووں میں ہیں وہ دلچسپیاں | جو وہاں پہنچا، وہیں کا ہو گیا (1)

خير! جناب ضِمَاد رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو: مان جنّ ڪيڊڻ جو منتر ڄاڻان ٿو، الله پاڪ منهنجي هٿ ۾ شفا بہ رکي آهي، ڇا توهان کي دم ڪيان؟

اللهُ اڪبر! جيڪي سمورن جهانن بلڪ انهن جنن جا بہ نبي آهن، ڀلا ڪين ڪنهن جنّ جو ڇا خطرو...!! اصل ۾ دم جي ضرورت تہ جناب ضِمَاد کي هئي. سو پاڻ ڪريم صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم ان تي دم ڪيو. ڇا دم ڪيو؟ ٻڌو! روايت جا لفظ آهن: رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جناب ضِمَاد جي ڳالھ ٻڌي پوءِ فرمايو:

اِنَّ الۡحَمۡدَ لِلّٰهِ، نَحۡمَدُهٗ وَنَسۡتَعِينُهٗ، مَنۡ يَّهۡدِهِ اللّٰهُ فَلَا مُضِلَّ لَهٗ، وَمَنۡ يُّضۡلِلۡ فَلَا هَادِيَ لَهٗ، وَاَشۡهَدُ اَنۡ لَّا اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ وَحۡدَهٗ لَا شَرِيۡكَ لَهٗ، وَاَنَّ مُحَمَّدًا عَبۡدُهٗ وَرَسُوۡلُهٗ

---

1... ذوقِ نعت، صفحه:34.

**ترجمو:** بيشڪ سڀ تعريفون الله پاڪ جون آهن، اسان ان جي حمد ڪندا آهيون، ان کان مدد گهرندا آهيون، جنهن کي الله پاڪ هدايت ڏئي، ان کي ڪو گمراهه نٿو ڪري سگهي ۽ جيڪو ان جي بارگاهه کان ڌڪاريل هجي، ان کي ڪو هدايت نٿو ڏئي سگهي ۽ مان گواهي ڏيان ٿو ته الله پاڪ کان سواءِ ڪو عبادت جي لائق ناهي، هو اڪيلو آهي، ان جو ڪو شريڪ ناهي ۽ بيشڪ محمد الله پاڪ جا ٻانها ۽ رسول آهن.

پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جا هي چند مبارڪ جملا جناب ضِمَاد تي اثر ڪري ويا. چيائون: اي محمد صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! هي (پيارا پيارا) ڪلما ٻيهر ٻڌايو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم پنهنجي مبارڪ زبان سان ٻيهر اهي ڪلما ارشاد فرمايا. جناب ضِمَاد چيو: هڪ دفعو ٻيهر ٻڌايو! پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ٽيون دفعو به اهي ڪلما ارشاد فرمايا. هاڻي ته جناب ضِمَاد جو سينو روشن ٿي چڪو هو، چيائون: ❁ مون ڪاهنن جو ڪلام به ٻڌو آهي، ❁ جادوگرن جون ڳالهيون به ٻڌيون آهن، ❁ شاعرن جا شعر به ٻڌا آهن پر اڄ تائين اهڙو ڪلام ڪڏهن به ناهي ٻڌو. انهن مبارڪ ڪلمن جي گهرائي ته سمنڊ جهڙي آهي. هي چئي ڪري جناب ضِمَاد پنهنجو هٿ اڳتي وڌايو ۽ چيو: هَاتِ يَدَكَ أُبَايِعُكَ عَلَى الْاِسْلَام. **اي محبوب** صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم! **هٿ وڌايو! ڪلمو پڙهائي مون کي پنهنجو ٻڻايو.**[1]

آپ کے دَر کی عجب توقیر ہے | جو یہاں کی خاک ہے، اِکْسِیر ہے
کام جو اُن سے ہوا، پُورا ہوا | اُن کی جو تدبیر ہے، تقدیر ہے
جس سے باتیں کی، اِنہی کا ہو گیا | واہ! کیا تقریر پُرتاثیر ہے

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

---

1 مسلم، حديث:868.

## اُن وات مبارڪ تي لکين سلام

سُبۡحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي پاڪ ڪلام جي به ڪهڙي نرالي شان آهي...!! پاڻ صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم مٿي کان پيرن تائين معجزو ئي معجزو آهن. ❁ هٿ مبارڪ به معجزو ❁ اک مبارڪ به معجزو ❁ نڪ مبارڪ به معجزو ❁ ۽ قربان وڃان! ❁ ان دهَن مبارڪ(يعني وات جو اندروني حصو) به معجزو ئي معجزو آهي. ❁ ان دهَن(وات) مبارڪ مان نهندڙ لعاب شريف (يعني ٿڪ مبارڪ) جيڪڏهن کاري (نمڪين) کُوهه ۾ پئجي وڃي ته ان کي منو ڪري ڇڏيندي آهي. ❁ نڪتل اک تي لڳي ته اک به نيڪ ٿي ويندي آهي ۽ اڳ کان وڌيڪ روشن به ٿي ويندي آهي ❁ ٽٽل ٻانهن تي لڳي ته ٻانهن جُڙي ويندي آهي. ❁ ڪنهن جي وات ۾ هلي وڃي ته سڀ خراب عادتن مان ڇوٽڪارو ملي ويندو آهي. ❁ ۽ ان دهَن(وات) مقدس مان نڪرندڙ لفظن جي اها تاثير آهي ته اهي ڪنن جي رستي دل ۾ لهي وڃن ٿا ۽ دل جي سموري ڪَٽ کي ختم ڪري دل کي روشن ۽ چمڪدار ڪري ڇڏين ٿا.

## مِنۡبَر شريف جُهومڻ لڳو

پيارا اسلامي ڀائرو! حضرت ضماد رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جيئرا جاڳندا انسان هئا. ❁ انهن ۾ روح به هو، ❁ ساهه به هلي رهيا هئا، ❁ صرف دل مرده هئي. پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي پاڪ ڪلام جي تاثير سان انهن جي دل زنده ٿي وئي!!...

پر ياد رکو ته هي پاڪ ڪلام صرف مرده دلين کي ئي زنده نه ٿو ڪري بلڪ بي جان شين ۾ به جان وجهي ڇڏي ٿو.

حضرت عبدالله بن عمر رَضِیَ اللهُ عَنْهُ کان روايت آهي، فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن رسولِ ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم منبر مبارڪ تي تشريف وٺي آيا. سندن خطبو ڏيندي هيءَ آيتِ ڪريمہ تلاوت ڪئي:

| | |
|---|---|
| وَمَا قَدَرُوا اللّٰهَ حَقَّ قَدْرِهٖٓ | ترجموڪنزالعرفان: ۽ انهن الله جو قدر نہ ڪيو جهڙو ان جو قدر ڪرڻ جو حق هو. |

پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم پُرجوش انداز ۾ الله پاڪ جي شان بيان ڪرڻ لڳا، پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هن پاڪ ڪلام ڪي ٻڌي ڪري اهو ڪاٺ جو ٺهيل منبر بہ جُهومڻ لڳو. حضور صَلَّی اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم خطبو ڏئي رهيا هئا ۽ منبر اهڙي طرح جُهومي رهيو هو جو اسان کي اهو خطرو ٿي پيو تہ ڪٿي پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم کي تڪليف نہ پهچي وڃي.[1]

اُن کی باتوں کی لذّت پہ لاکھوں درود | اُن کے خطبے کی ہیبت پہ لاکھوں سلام(2)

وضاحت: پياري آقا صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مبارڪ ڳالهين جي لذت تي لکين درود هجن ۽ سندن خطبي تي لکين سلام هجن ڇو تہ ٻڌندڙن تي جنهن جي هيبت طاري ٿي وڃي ٿي.

مداحِ حبيب مولانا جميل رضوي رَحْمَۃُاللہِ عَلَیْہ لکن ٿا.

قرآن کلامِ باری ہے اور تیری زَباں سے جارِی ہے
کیا تیری فصاحت پیاری ہے اور تیری بلاغت کیا کہنا...!!

1... صحيح ابن حبان، حديث:5241۔
2... حدائقِ بخشش، صفحہ:325۔

باتوں سے ٹپکتی لذّت ہے، آنکھوں سے برستی رحمت ہے
خطبے سے چمکتی ہیبت ہے اے شاہِ رسالت کیا کہنا...!! (1)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڪيڏو شان بلند آهي

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي غور ڪرڻ جي هڪ ڳالهه آهي. ڪلام ڇا کي چوندا آهن؟ اسان جي سيني ۾ ڦڦڙن جي اندر هوا هوندي آهي، جڏهن اسان ڳالهائڻ جو ارادو ڪندا آهيون ته اها هوا اُتان اُٿندي آهي، ڳلي ۾ پهچندي آهي، پوءِ وات جي مختلف حصن سان ٽڪرائيندي آهي، اسان پنهنجي زبان سان ان هوا کي ڪنٽرول ڪندا آهيون. اسان زبان کي جنهن رخ ۾ موڙيندا آهيون، اُها هوا اُتي ٽڪرائي لفظن جي صورت اختيار ڪندي آهي ۽ چپن جي رستي ٻاهر نڪرندي آهي، يعني هي جيڪي اسان جا لفظ آهن، اهي سيني مان اُٿندڙ اُن هوا مان نهندا آهن، لفظن جو جيڪو فرق آهي، هي مخارج جي ذريعي هوندو آهي.

❁ جيڪڏهن اها هوا حلق جي هيٺئين حصي کان ٽڪرائي نڪري ته همزه ٺهجي ويندو آهي. ❁ حلق جي وچئين حصي کان ٽڪرائي نڪري ته عين ٺهجي ويندو آهي. ❁ زبان جي پاڙ ۽ تارون جي سخت حصي کان ٽڪرائي نڪري ته ڪاف ٺهجي ويندو آهي.❁ ٻنهي چپن جي نرم حصي کان ٽڪرائي نڪري ته باء ٺهجي ويندو آهي.❁ مطلب ته اها اصل ۾ سيني مان اُٿندڙ هوا آهي، انهيءَ مان لفظ نهندا آهن، انهيءَ مان جملا ٺهجندا آهن ۽ انهيءَ مان ڪلام نهندو آهي.

هاڻي سوچڻ جي ڳالهه آهي، جڏهن نبي اڪرم، نور مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّمَ جي سيني مبارڪ مان اُٿندڙ اها مقدّس هوا، جڏهن زبان مبارڪ جي ذريعي ڪلام

---

1... قبالۂ بخشش، صفحہ:124۔

ٻڌجي نڪرندي آهي تہ ان هوا ۾ اها تاثير اچي ويندي آهي جو مُردا تہ مُردا رهيا، بلڪل بي جان شيون، جن ۾ ڪڏهن جان هئي ئي نہ، اُهي بہ ان ڪلام مبارڪ کي ٻڌي جُهومي اُٿنديون آهن.

هاڻي سوچو! جڏهن سيني مبارڪ مان اُٿندڙ ان هوا جي اها تاثير آهي تہ پوءِ ❁ مبارڪ هٿن جي تاثير ڇا هوندي؟ ❁ پيارين پيارين، سهڻين سهڻين اکين جي شان ڇا هوندي؟ ڪنن جي شان ڇا هوندي؟ مڪمل وجودِ مصطفيٰ جي تاثير ڇا هوندي؟

مولانا حسن رضا خان صاحب رَحۡمَۃُاللّٰہِعَلَیۡہِ ڇا تہ خوب چيو آهي:

سَر سے پَا تک ہر ادا ہے لاجواب | خوبرُویَوں میں نہیں تیرا جواب
حُسْن ہے بےمثل، صُورت لاجواب | میں فدا تُم آپ ہو اپنا جواب
تم سے اُس بیمار کو صحت ملے | جس کو دے دیں حضرتِ عیسیٰ جواب[1]

وضاحت: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم! مٿي کان پيرن تائين اوهان جي هر اَدا ئي لاجواب آهي بلڪ حسن وارن ۾ سندن ڪو ثاني ئي ناهي، اوهان جو حسن بہ بيمثال آهي ۽ صورت بہ بيمثال آهي. حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام الله پاڪ جا نبي آهن، جن جو هي معجزو قرآنِ ڪريم ۾ ذڪر ٿيل آهي تہ پاڻ عَلَيۡهِ السَّلَام پيدائشي انڌن ۽ ڪوڙهين کي رڳو هٿ لڳائي شفاياب ڪري ڇڏيندا هئا. مولانا حسن رضا خان صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہِ فرمائي رهيا آهن: يا رسولَ الله صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم، حضرت عيسيٰ عَلَيۡهِ السَّلَام جهڙا شفا ڏيندڙ نبي بہ جنهن مريض کي جواب ڏئي ڇڏين، اوهان اهڙي شان وارا آهيو جو اوهان جي در تان اهڙن مريضن کي بہ شفا ملي وڃي ٿي.

1... ذوقِ نعت، صفحہ:45۔

## هن زَبان مان سدائين حق ئي نڪرندو آهي

ابوداؤد شريف حديثِ پاڪ جي مشهور ۽ معتبر ڪتاب آهي. هن ۾ هڪ حديثِ پاڪ آهي، صحابيِ رسول حضرت عبدالله بن عَمرو رَضِیَ اللہُ عَنۡہُ فرمائن ٿا: منهنجي عادت هوندي هئي ته پياري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم کان جيڪي ڪجهه ٻڌندو هئس، اُن کي لکي ڇڏيندو هئس. قريشن مان ڪجهه ماڻهو مون کي چوڻ لڳا ته: اي عبدالله! انسان جون ڪيفيتون بدلجنديون رهنديون آهن، ڪڏهن ماڻهو ڪاوڙ ۾ هوندو آهي، ❁ ڪڏهن خوشيءَ ۾ تنهنڪري پاڻ صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جي هر ڳالهه نه لکندا ڪيو.! فرمائن ٿا: هي ٻڌي ڪري مون لکڻ ڇڏي ڏنو. پوءِ مون هي سمورو معاملو رسولِ اڪرم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جي خدمت ۾ عرض ڪيو. پاڻ ڪريم صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم پنهنجي مبارڪ آڱر سان پنهنجي وات ڏانهن اشارو ڪندي فرمايو: اُكْتُبْ يعني اي عبدالله! منهنجي هر ڳالهه لکندو ڪر! فَوَالَّذِىْ نَفْسِىْ بِيَدِهٖ، مَا يَخْرُجُ مِنْهُ اِلَّا حَقٌّ قسم آهي اُن ذات جو جنهن جي هٿ ۾ منهنجي جان آهي..! هن زبان مان سواءِ حق جي ڪجهه به نٿو نڪري.(1)

سُبۡحٰنَ الله! منهنجي آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جي مبارڪ ڪلام جي ڪهڙي نرالي شان آهي! هڪ اسان جهڙا بيڪار ماڻهو آهن ❁ جڏهن غصي ۾ هوندا آهيون ته هر طرح جون ڳالهيون ڪندا آهيون، ❁ خوشيءَ ۾ هوندا آهيون ته ٻڌڻ واري کي خبر ئي ناهي پوندي ته ڳالهائي ڇا رهيا آهيون، ❁ڪنهن جي تعريف ڪرڻ تي اچون ته ڪوڙا مبالغ ڪري وڏائي سڌائي تعريفون ڪندا آهيون، ❁ ڪنهن جي برائي ڪرڻ تي اچون ته ڪوڙا الزام لڳائيندا آهيون، پر قربان وڃون! اهو اسان جي آقا صَلَّی اللہُ عَلَیۡہِ وَ آلِہٖ وَ سَلَّم جو مبارڪ ڪلام آهي❁ جلال واري حالت ۾ هجن.

---

1... ابوداؤد، ڪتاب العلم ، باب كتابة العلم، صفحه:578، حديث:3646۔

❁ تڏهن بہ حق ڳالهائيندا آهن. ❁ خوشي جي ڪيفيت ۾ هجن تڏهن بہ حق ئي فرمائيندا آهن مطلب تہ ڪنهن بہ ڪيفيت ۾ هن زبان مبارڪ مان ڪڏهن غلط ڳالهہ تہ پري جي ڳالهہ آهي، هڪ غلط حرف بہ ڪڏهن ادا ناهي ٿيو.

## جن جي هر ڳالهہ وحيءِ خدا آهي

الله پاڪ قرآنِ ڪريم ۾ پاڻ سڳورن صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي شان بيان ڪندي فرمائي ٿو:

| | |
|---|---|
| وَ مَا یَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى ﴿۳﴾ اِنْ هُوَ اِلَّا وَحْیٌ یُّوْحٰى ﴿۴﴾ (پاره:27، سورهٔ نَجْم :3 ، 4) | ترجمو ڪنزالعرفان: ۽ اهو ڪا ڳالهہ پنهنجي خواهش سان نہ ٿو چوي . اها وحي ئي هوندي آهي جيڪا ان ڏي ڪئي ويندي آهي. |

مشهور مفسرِ قرآن مفتي احمد يار خان نعيمي رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه هن آيتِ ڪريمہ جي حوالي سان فرمائن ٿا:

1. پيارا محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم فَنا فِي الله جي اُن بلند ترين درجي تي پهتل آهن جو جيڪا بہ ڳالهہ سندن زبان مبارڪ مان نڪرندي آهي تہ زبان محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي هوندي آهي، پر ڪلام ربِ رحمٰن جو هوندو آهي، يعني ڪلام رَبِّ وَاحِدٌ لَا شَرِيک جو آهي پر جاري هن پاڪ زبان ڪان ٿي رهيو آهي.

2. ٻيو مطلب اهو آهي تہ پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَ آلِهٖ وَ سَلَّم جي زبان مبارڪ تي جيڪا بہ ڳالهہ جاري ٿئي، ان جون بہ ٻہ صورتون ٿينديون: پهرين صورت اها آهي تہ اهو ڪلام رب جو مقدس قرآن هوندو ٻي صورت اها آهي تہ اها حديث سڏبي ۽ اهي ٻئي الله پاڪ جي طرف کان وحي آهن. قرآن کي وحيِ

جَلِي چٹبو آهي، جنهن جي نماز ۾ تلاوت ڪئي ويندي آهي، جڏهن تہ حديثِ پاڪ کي وحيِ خفي چٹبو آهي، جنهن جي نماز ۾ تلاوت ناهي ٿيندي[1].

وَمَا يَنْطِقُ عَنِ الْهَوٰى سے ہے روشن | زبانِ مقدّس پہ حق بولتا ہے

پيارا اسلامي ڀائرو! انهن قرآني آيتن مان واضح ٿي ويو آهي تہ پيارا محبوب صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جڏهن بہ پنهنجن چپن کي کوليندا آهن، پنهنجي پاڪ زبان کي چورڻيندا آهن تہ ان ۾ نفس جي خواهش جو ڪوبہ حصو شامل ناهي هوندو.

اعلٰي حضرت امامِ اهلسنت امام احمد رضا خان رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه فرمائن ٿا:

وہ دہن جس کی ہر بات وَحیِ خُدا | چشمۂ عِلْم و حِکْمَت پہ لاکھوں سلام

**وضاحت**: سندن مبارڪ وات مان نڪرندڙ ڳالهہ الله پاڪ جي وحي هوندي آهي. سندن مبارڪ وات جيڪو علم ۽ حڪمت جو چشمو آهي ان تي لکين سلام هجن.

## اَبُو عُمَير جي جهرڪي

حضرت ابوعُمَير رَضِيَ الله عَنْهُ حضرت انس بن مالڪ رَضِيَ الله عَنْهُ جا ننڍا ڀاءُ هئا، جن هڪ جهرڪي پالي هئي، اُن سان کيڏندا هئا. هڪ ڏينهن نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم انهن جي گهر تشريف فرما ٿيا ۽ ڇا ٿا ڏسن تہ حضرت ابوعمير غمگين ويٺا آهن. پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم پڇيو: هن کي ڇا ٿيو آهي؟ عرض ڪيو ويو: "يا رسولَ الله صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ! هن جي جِهرڪي مري وئي آهي. نبي ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سندن دل خوش ڪرڻ لاءِ فرمايو: " يَا اَبَا عُمَيْرُ! مَا فَعَلَ النُّغَيْرُ! اي ابوعمير! جِهرڪيءَ جو ڇا ٿيو....؟[2]

---

1 شانِ حبيب الرحمٰن ، صفحه:-

2 الادب المفرد،باب اَلْكُنْيَةُ لِلصَّبِى ،صفحه:252، حديث:847 ـ

هاڻي هي هڪ خاص واقعو آهي، مختصر ڳالھ آهي. ❁ پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منبر تي خطبو ارشاد فرمائي نہ رهيا هئا ❁ درس نہ ڏئي رهيا هئا ❁ غير مُسَلمن کي نيڪي جي دعوت ارشاد نہ فرمائي رهيا هئا ❁ ڪنهن آيت جي تشريح نہ ٿي رهي هئي❁ بلڪ عام نارمل حالت آهي، اسان وٽ بہ ٻار بعض اوقات غمگين ٿي ويندا آهن. اُداس ٿيندا آهن، اسان بہ انهن کي رجهائيندا آهيون پر قربان وڃو! پياري آقاء مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صرف هڪ غمگين ٻار کي ريجهائڻ خاطر ان جي دل کي تسڪين ڏيڻ جي لاءِ صرف بہ جملا ارشاد فرمايا، پاڻ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هي فرمانِ ذيشان بہ دين ۾ وڏو مقام رکي ٿو، عالم سڳورن هن حديث پاڪ جا 400 فائدا بيان ڪيا آهن.[1]

سُبْحٰنَ اللّٰه! هي مصطفيٰ ڪريم صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪلام جو شان آهي...! پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم رڳو مِزاح ۾ ڪلام فرمائن تہ اُن مان ڪنهن ڪم جي صرف ترغيب ناهي...!! ترغيب معمولي هوندي آهي، ترغيب تہ اسان عام ماڻهن جي جملن مان بہ وٺي سگهون ٿا. پر الله وارا جيڪي هوندا آهن، اهي ٻارن جي معمولي ڳالهين مان بہ عبرت جا مدني گل ڪيڏي وٺندا آهن، يعني ترغيب ٻي شيءِ هوندي آهي، فوائد ۽ مسائل ٻيا هوندا آهن، قربان وڃان! محبوبِ ذيشان صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي مذاح پري ڪلام پاڪ مان 400 فائدا بيان ڪيا ويا آهن. جڏهن مذاح واري گفتگو جي اها شان آهي تہ جڏهن پاڻ صَلَّی اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منبر تي جيڪي خطبا ڏيندا هئا، انهن جي شان ڇا هوندي!

اعليٰ حضرت رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه لکن ٿا:

میں نثار تیرے کلام پر، ملی یُوں تو کس کو زباں نہیں
وہ سخن ہے جس میں سخن نہ ہو، وہ بیاں ہے جس کا بیاں نہیں[2]

---

1 نيل الابتهاج، رقم:541، صفحہ:411۔
2... شانِ حبيب الرحمٰن ، صفحہ:۔

**وضاحت:** هر ڳالهه ڪنڌڙ جي ڳالهه تي اعتراض ٿي سگهي ٿو، پر اي منهنجا آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! مان اوهان جي ڪلام تي قربان وڃان، اوهان جو ڪلام بي عيب آهي ۽ اوهان اهڙي گفتگو فرمائيندا آهيو، جنهن جون خوبيون بيان ڪرڻ ۾ اسان جهڙا قاصر آهن.

## مزاح ۾ به حق ئي ڳالهائيندا آهن

حضرت ابوهريره رَضِیَ اللّٰهُ عَنْه فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مان جيڪا به خبر اوهان کي ڏيندو آهيان، اها يقيناً الله پاڪ جي طرفان هوندي آهي، ان ۾ ڪنهن قسم جو ڪو به شڪ ۽ شبهو ناهي هوندو. [(1)] صحابہ ڪرام رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُم عرض ڪيو: يارسول الله صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! اوهان اسان سان خوش طبعي به ته ڪندا آهيو (ڇا اهو خوش طبعي وارو ڪلام به حق هوندو آهي)؟ فرمايائون: اِنِّيْ لَا اَقُوْلُ اِلَّا حَقًّا، بيشڪ مان حق کان سواءِ ڪجهه به ناهيان چوندو. [(2)]

سُبْحٰنَ الله! پيارا اسلامي ڀائرو! هي مزاحِ مصطفىٰ جي شان آهي ته مزاح ۾ به جيڪو ڪجهه فرمائيندا آهن، اهو حق ئي هوندو آهي، ڪڏهن به مبارڪ زبان تي ناحق ڳالهه ناهي ايندي.

پسندِ حق تَعَالٰی تیری ہر بات | ترے انداز خوش، تیری ادا خوش

## خواهش پرستي واريون ڳالهيون

پيارا اسلامي ڀائرو! هتي اسان لاءِ به هڪ سبق آهي. اسان جي آقا صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي ڪهڙي شان آهي؟

---

1...مسند بزار، جلد:15، صفحه:340، حديث:8900.

2... مسند امام احمد، جلد:4، صفحه:339، حديث:8705 .

| | |
|---|---|
| وَمَا يَنۡطِقُ عَنِ الۡهَوٰى ۝ (پاره:27، سورۃ نَجۡم :3 ) | ترجموڪنزُالعرفان: ۽ اهو ڪا ڳالهه پنهنجي خواهش سان نٿو چوي. |

اسان جا آقا صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نفس جي خواهش سان ڪلام ناهن ڪندا. هاڻي غور ڪريو! اسان جي حالت ڇا آهي؟ شايد اسان جون 100 مان 99 ڳالهيون نفس جي خواهش جي ڪري ٿينديون آهن. ❁دل چاهيو ڳالهيون ڪيان، ته ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيون، دل چاهيو مزاحيه گفتگو ڪجي، ته مزاحيه گفتگو ڪرڻ شروع ٿي ويا❁ نفس چاهيندو آهي، ته اسان پنهنجي ئي تعريف ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهيون. ❁ پنهنجين لڪيل نيڪين کي ظاهر ڪرڻ ۽ ان تي پنهنجي وڏائي بيان ڪرڻ شروع ڪري ڇڏيندا آهيون. ❁ نفس چاهيندو آهي ته ماڻهو غيبتون به ڪندا آهن، ❁ چغليون به ڪندا آهن، ❁ڪوڙ به ڳالهائيندا آهن، ❁ مذاق مسخري جون محفلون به سجنديون آهن، ❁ هڪبئي کي طعنا به ڏيندا آهن ❁ فضول ڳالهيون به ٿينديون آهن ❁ زبان ذريعي گناهن جو ڍير لڳايو ويندو آهي.

هيءَ حقيقت آهي ته اسان تي وحي نه ايندي، وحي جو دروازو بند ٿي چڪو آهي. پيارا آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللّٰه عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم آخري نبي بڻجي اچي چڪا آهن، هاڻي قيامت تائين ڪو به نئون نبي نه ايندو، ڪنهن تي وحي نه ايندي. يعني جيتوڻيڪ اسان وحي ذريعي ڪلام نٿا ڪري سگهون پر رب جي رضا لاءِ ته ڪري سگهون ٿا...!! الله پاڪ جن ڳالهين کان ناراض ٿيندو آهي، انهن ڳالهين کان ته بچي سگهون ٿا، جن ڳالهين ۾ الله پاڪ جي رضا ملي ٿي، اهي ڳالهيون ته اسان ڪري سگهون ٿا.

پر افسوس! اڄ عجيب دور اچي ويو آهي، ❁ جن ڳالهين ۾ الله پاڪ جي رضا آهي، اهي ڳالهائيندي اسان کي شرم ٿو اچي، جهجڪ محسوس ٿي ٿئي.

❁نيڪي جي دعوت ڏيڻ ۾ رب جي رضا آهي، پر اسان شرمايون ٿا. ❁ اذان ڏيڻ ۾ رب جي رضا آهي، پر اسان شرمايون ٿا. ❁ درس ڏيڻ ۾ رب جي رضا آهي پر اسان ڪان نٿو ڏنو وڃي، جهجڪ ٿئي ٿي. ٻئي طرف ڏسو! جن ڳالهين ۾ الله پاڪ جي ناراضگي آهي، اهي ڳالهيون ماڻهو انتهائي بي حيائي سان ڪري رهيا هوندا آهن. ❁ فحش ڳالهيون ڪيون ويندیون آهن، ❁ گاريون ڏنيون ويندیون آهن، ❁ غيبتون ۽ چغليون ڪيون ويندیون آهن، ❁ الزام تراشيون به ٿين ٿيون، ❁ وڏي دليري سان ڪوڙ ڳالهايو وڃي ٿو. افسوس! اهي گناهن ڀريون ڳالهيون ڪندي ماڻهن کي شرم نٿو اچي.

| | |
|---|---|
| الله ہمیں کر دے عطا قُفلِ مدینہ | ہر ایک مسلماں لے لگا قفلِ مدینہ |
| بک بک کی یہ عادت نہ سرِ حشر پھنسا دے | الله زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ |
| بڑھتا ہے خَموشی سے وقار اے مرے پیارے | اے بھائی! زَباں پر تُو لگا قفلِ مدینہ (1) |

صَلُّوْا عَلَی الْحَبِیْب! صَلَّی اللهُ عَلٰی مُحَمَّد

## هڪ عظيم سنّت

پيارا اسلامي ڀائرو! هيءُ به پياري آقا، مڪي مدني مصطفىٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي سنت مبارڪ آهي ته سندن فضول ڪا به ڳالهه نه فرمائيندا هئا، جيڪو ڪجهه فرمائيندا هئا، اهو معنيٰ خيز هوندو هو ۽ حڪمت سان ڀرپور هوندو هو. ان ڪري اسان کي به گهرجي ته هن سنت تي عمل ڪريون، زبان جي حفاظت ڪريون، هميشه سٺيون ڳالهيون ڪيون ۽ فضول ۽ گناهن سان ڀريل ڳالهين کان هر وقت بچندا رهون.

1... وسائلِ بخشش، صفحه:96۔

❁فرمانِ مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جيڪو مون کي پنهنجي ٻن ڄاڙين ۽ ٻن ٽنگن جي وچ واري شيءِ (يعني زبان ۽ شرمگاهه) جي ضمانت ڏئي مان ان کي جنت جي ضمانت(گارنٽي) ڏيان ٿو". (1)

❁روايت ۾ آهي: بيشڪ جنت ۾ اهڙا گهر آهن جن جي اندر جو حصو ٻاهران ۽ ٻاهر جو حصو اندران نظر ايندو آهي. هڪ ٻوناٽي عرض ڪيو: يا رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم! هي گهر ڪنهن لاءِ آهي؟ پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: ❁ جيڪو سني گفتگو ڪري، ❁ کاڌو کارائي، ❁ مسلسل روزا رکي ❁ ۽ رات جو جڏهن ماڻهو سمهي رهن ته نماز پڙهي[2]

هڪ ٻي حديثِ پاڪ ۾ آهي: سني ڳالهه صدقو آهي[3].

یارب نہ ضَرورت کے سوا کچھ کبھی بولوں! | الله زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ
اکثر مرے ہونٹوں پہ رہے ذِکرِ مُحَمَّد | الله زَباں کا ہو عطا قفلِ مدینہ (4)

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## پيارا آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صادِق (سچا) بہ آهن، مَصدُوق 5 بہ آهن

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هر ڳالهه، هر هر فرمان حق، حق ۽ حق آهي. هن پاڪ زبان مان جيڪو به لفظ نڪتو، اهو حق ئي نڪتو، حق کان سواءِ ڪجهه به نه نڪتو. هي ڳالهه پنهنجي جاءِ تي حق آهي. ان سان گڏو گڏ، صحابي رسول حضرت عبد الله بن مسعود رَضِيَ اللهُ عَنْهُ پاڻ ڪريم صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي هڪ ٻي شان به بيان ڪئي آهي، فرمائن ٿا:

1... بخاری، کتاب الرقاق ،باب حفظ اللسان،صفحہ:1591 ، حديث:6474۔
2 ترمذی، حدیث:1991۔
3 بخاری، حدیث:2989۔
4... وسائلِ بخشش، صفحہ:96۔
5 : مَصدوق يعني جنهن جي سچي هئڻ جي تصديق ڪئي وئي هجي.

هُوَ الصَّادِقُ الْمَصْدُوْقُ يعني پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم صادِق به آهن، مَصْدُوق به آهن. [1] يعني سچّا به آهن ۽ الله پاڪ هي شان به عطا فرمايو آهي ته جيڪو فرمائيندا آهن، ائين ئي ٿي ويندو آهي. ڪنهن شاعر ان کي هن ريت بيان ڪيو آهي:

تمہارے مُنہ سے جو نکلی، وہ بات ہو کے رہی
کہا جو دن کو کہ شب ہے،تو رات ہو کے رہی

**وضاحت:** يعني پياري آقا، رسول خدا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان اها آهي ته جيڪو ڳالهه فرمائين ٿا، اهو ئي ٿي وڃي ٿو. جيڪڏهن فرض ڪيو ته ڏينهن جو وقت هجي ۽ محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمائن ته هي ڏينهن ناهي بلڪ رات آهي ته زبان مقدس مان لفظ نڪرڻ جي دير آهي فوراً رات ٿي وڃي ٿي.

## بيمثال طاقت بخشي ڇڏي

هڪ صحابي رَضِيَ اللهُ عَنْهُ گذريا آهن، انهن جو اصل نالو ڪنهن کي به معلوم نه آهي. علامه ابن حجر رَحْمَةُ اللهِ عَلَيْه سندن نالي جي باري ۾ 21 قول لکيا آهن، يعني ان جي نالي بابت ايترو اختلاف آهي. هي پنهنجي لقب سان مشهور آهن ۽ اهو لقب ڪين رسول الله صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم عطا فرمايو هو. انهن کي حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو عطا ڪيل لقب ايترو پسند آيو جو انهيءَ لقب سان مشهور ٿي ويا. اهو لقب ڇا هو؟ لقب هو: سَفِيْنَه. حضرت سَفِيْنَه رَضِيَ اللهُ عَنْهُ وڏا مشهور صحابي آهن. انهن کي اهو لقب ڇو مليو هو؟ ان جي باري ۾ خود پاڻ فرمائن ٿا: هڪ ڀيرو پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم ڪٿي وڃي رهيا هئا، صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم به گڏ هئا. صحابه ڪرام رَضِيَ اللهُ عَنْهُم وٽ جيڪو سامان هو، اهو ڪٺڻ ۾ انهن کي

---

1... بخاري،ڪتاب التوحيد، باب قوله تعالى:ولقد سبقت كلمتنا...الخ ،صفحه:1799، حديث:7454۔

ڏڪيائي تي رهي هئي. رحم ۽ ڪرم فرمائڻ واري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جڏهن اهو ڏٺو تہ مون کي فرمايو: پنهنجي چادر وڇايو! مون چادر وڇائي. صحابہ ڪرام عَلَيۡهِمِ الرِّضۡوَان کي فرمايو: سڀئي پنهنجو سامان هن چادر تي رکو! سڀني سامان رکي ڇڏيو. هاڻي اهو سڄو سامان چادر ۾ ٻڌي مون تي رکيو ويو، حضور صَلَّى اللهُ عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم فرمايو: اِحۡمِلۡ، فَاِنَّمَا اَنۡتَ سَفِيۡنَةُ هن کي کڻو، بيشڪ تون سفينہ (يعني ٻيڙي) آهين. علماءِ ڪرام فرمائن ٿا: ان واقعي کان بعد حضرت سَفِيۡنَہ رَضِیَ اللهُ عَنۡهُ جي اها حالت هئي جو هڪ اُٺ جو بار اڪيلا کڻي ويندا ها.[1]

وہ زباں جس کو سب کُن کی کنجی کہیں | اس کی نافذ حکومت پہ لاکھوں سلام[2]

## ڪوهہ جو پاڻي مٺو ٿي ويو

هڪ دفعي پيارا آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم صحابہ ڪرام رَضِیَ الله عَنۡهُ سان گڏ ڪٿي وڃي رهيا هئا. رستي ۾ هڪ جاءِ تي هڪ ڪوهہ آيو، جنهن جو پاڻي ڪؤڙو هو. حضور صَلَّى الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم پڇيو: ان جو نالو ڇا آهي؟ چيو ويو: ان جو نالو بَيۡسَان آهي. حضور صَلَّى الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم فرمايو: بَلۡ هُوَ نُعۡمَانُ نہ...!! بلڪ اهو نعمان آهي.

روايت ۾ آهي تہ حضور صَلَّى الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جي زبان مبارڪ مان اهو نالو نڪرڻ جي دير هئي، اهو ڪوهہ جنهن جو پاڻي پهريان ڪؤڙو هو، نالو بدلجڻ سان مٺو ٿي ويو.[3]

سُبۡحٰنَ الله! هي آهي ڪلامِ مصطفيٰ صَلَّى الله عَلَيۡهِ والِهٖ وَسَلَّم جو اثر...!! جيڪو فرمائيندا آهن، اهو ئي ٿي ويندو آهي.

---

1 شرح سنن ابی داود لابن رسلان، جلد:15، صفحہ:416، زيرِ حديث:3797۔
2 حدائقِ بخشش، صفحہ:302۔
3 شفاء شريف، القسم الاول، الباب الرابع، فصل فی کرامتہ...الخ، جزء:1، صفحہ:236۔

هتي غور ڪرڻ جي ڳالهه آهي. سائنسي لحاظ سان پاڻي نمڪين ۽ ڪؤڙو تڏهن ٿيندو آهي، جڏهن ان ۾ ٻاهر کان ڪجهه شيون شامل ٿي وينديون آهن. پاڻيءَ جو اصل فارمولو آهي $H_2O$ (ايچ، ٽو، او) يعني ٻه حصا هائيڊروجن ۽ هڪ حصو آڪسيجن هجي تہ پاڻي ٺهي ويندو آهي. هاڻي پاڻي جڏهن برسات ۾ وسندو آهي، زمين تي وهندو آهي، زمين جي اندر هليو ويندو آهي تہ ان ۾ ٻيون شيون بہ شامل ٿي وينديون آهن، مثلاً سوڊيم ڪلورائيڊ، ميگنيشيم، ڪيلشيم ڪاربونيٽ، پوٽاشيم وغيره معدنيات جڏهن پاڻي ۾ شامل ٿينديون آهن تہ پاڻيءَ جو ذائقو بدلجي ويندو آهي، پاڻي نمڪين يا ڪڙو ٿي ويندو آهي ۽ پيئڻ لائق ناهي رهندو. پوءِ هنن معدنيات کي ڪڍڻ لاءِ اسان وٽ لکين روپين جا پلانٽ لڳايا ويندا آهن، ڪيترن ئي قسمن جا ڪيميڪلز ملائي، لکين روپيہ خرچ ڪري، گهڻو وقت لڳائڻ کان بعد پاڻي مان اضافي معدنيات ڪڍيون وينديون آهن، پوءِ بہ پاڻيءَ جو اصل ذائقو واپس ناهي ايندو. پر سوچڻ جي ڳالهه آهي تہ ❁ ڪو پلانٽ نہ لڳايو ويو ❁ پاڻي کي چاڙهيو بہ نہ ❁ ان ۾ لعاب (ٿڪ مبارڪ) بہ نہ وڌي وئي. ❁ بس حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم نالو ئي بدليو آهي، ايترو چوڻ ئي سان پاڻي ۾ شامل تمام اضافي معدنيات نڪري بہ ويون، پاڻي نکري ڪري صاف بہ ٿي ويو ۽ صاف بہ اهڙو ٿيو جو ان جي حقيقت ئي بدلجي وئي، ڦِريان ڪؤڙو هو، هاڻي منو ٿي ويو.

جس سے کھاری کنوئیں شیرۂ جاں بنے | اُس زُلَالِ حَلاوَت پہ لاکھوں سلام

**وضاحت:** پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي بچيل پاڻي مان نمڪين پاڻي جا کوھ منا ٿي ويندا آهن، جيڪو سنڌن لبن مبارڪن کي ڇهي ويو، اُن مني، خوش ذائقہ، پاڪيزه پاڻيءَ تي لکين سلام هجن.

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

## خواب جي ڳالهه به سچ ٿي وئي

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪجهه جملا هوندا آهن، جن کي اسين تڪيه ڪلام چوندا آهيون. يعني اهي اهڙا جملا هوندا آهن، جيڪي ڳالهائيندي اسان انهن جي معنٰي مراد ناهيون وٺندا، انهن جي معنيٰ جي طرف اسان جي توجهه ئي ناهي هوندي، بس رڳو گفتگو جي دوران ڳالهائيندا آهيون. جيئن مائرن جي عادت هوندي آهي ته چونديون آهن: تنهنجو ستياناس ٿي وڃي. تنهنجو بيڙو پار ٿي وڃي. هاڻي ستياناس ڇا ٿيندو آهي ۽ ناس ڇا کي چوندا آهن، اهو پاڻ چوڻ وارن کي به خبر ناهي هوندي، بيڙو پار ٿيڻ ڇا کي چئبو آهي، شايد ان تي ڌيان ناهي هوندو، بس رڳو ڳالهائڻ جي طور تي چئي ڇڏيندا آهن.

اسان جي آقا صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي شان مبارڪ اهڙي آهي جو رڳو تڪيه ڪلام طور به جيڪو ارشاد فرمائيندا آهن، اهو به حق ٿي ويندو آهي. فقيه العصر (يعني زماني جا وڏا عالم) مفتي اَمين صاحب رَحۡمَۃُ اللّٰہِ عَلَیۡہ لکن ٿا: هڪ عالم صاحب هو، جيڪو بيمار ٿي ويو. گهڻو علاج ڪرايو پر...!!

دَرد بڑھتا گیا، جُوں جُوں دَوا کی

اُن جو مرض وڌندو ئي ويو، وڌندو ئي ويو، ايستائين جو بستري سان لڳي ويا. هڪ ڏينهن انهن جي قسمت جاڳي، سُتل هئا، خواب ۾ بيمار دلين جا چين، ناناءِ حسنين صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف وٺي آيا. علماء ته علماء هوندا آهن، ڪهڙي به حالت هجي، علم جا اجايل ئي رهندا آهن. ان عالم صاحب جي خواب ۾ حضور صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم تشريف ڪٺي آيا ته هن خواب ۾ به علم ئي جي ڳالهه پڇي. ڪنهن حديث شريف متعلق عرض ڪيو: يارسولَ اللّٰه صَلَّی اللہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم! ڇا اها حديث ائين آهي (جيئن مان عرض ڪري رهيو آهيان)؟

هاڻي اهڙي موقعي تي اسين عام طور چوندا آهيون: الله تنهنجو ڀلو ڪري، اها ڳالهه ائين ناهي، بلڪ هيئن آهي. ته حضور صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم خواب ۾ سوال جو جواب ڏيندي فرمايو: لَا...!! عَافَاكَ اللهُ! الله پاڪ توکي عافيت ڏئي، هي حديث ائين ناهي.

جڏهن ان عالم صاحب جي اک کلي ته ڇا ڏسن ٿا؟ اها بيماري جيڪا گهڻي علاج باوجود ختم نه ٿي رهي هئي، محبوب صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي فرمان جي صدقي ختم ٿي چڪي هئي اهي عالم صاحب مڪمل تندرست ٿي چڪا هئا.[1]

سُبْحٰنَ الله! ڇا شان آهي منهنجي آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي...!! هن پاڪ زبان مان جيڪو نڪرندو آهي، اهو ٿي رهندو آهي. پاڻ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ظاهري وصال جي ڪيترن سالن بعد، جاڳندي ۾ نه، بلڪ خواب ۾ اچي، باقاعده دعا به نه ڏني، رڳو تکيه ڪلام طور هڪ جملو ارشاد فرمايو، ۽ ان خواب ۾ چيل تکيه ڪلام جي اها تاثير هئي جو جيئن فرمايو هو، فوراً ائين ئي ٿي ويو.

| | |
|---|---|
| مَصْدرِ حِکمت و آیات وہ مُبارَک دَہن | نَافِذ جس کی ہر بات وہ مُبارَک دَہن |
| جس کی فَراخی سے سیراب اپنے پرائے | چشمۂ آب حیات وہ مُبارَک دَہن |

**وضاحت:** پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو وات مبارڪ الله پاڪ جي آيتن ۽ علم ۽ حڪمت جو مقام آهي. سندن مبارڪ زبان مان جيڪي لفظ نڪرندا آهن، اهي ضرور پورا ٿيندا آهن. ان پاڪ زبان مان ڪنهن کي به ڪا شيءِ ڏيڻ کان منع ناهن ڪندا، سندن زبان پاڪ مان نڪتل لفظ ٻين لاءِ آبِ حيات بڻجي ويندا آهن

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1 البرہان، صفحہ:240۔

## جوامِعُ الڪَلِم عطا ڪيا ويا

پيارا اسلامي ڀائرو! ڪلامِ مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جو هڪ معجزو اهو به آهي ته کين جوامعُ الڪلم عطا ڪيا ويا آهن. جوامع الڪلم جو مطلب آهي: ٿورڙن لفظن ۾ گهڻو مفهوم بيان ڪرڻ. جنهن کي عام طرح چوندا آهن: سمنڊ کي ڪوزي ۾ بند ڪرڻ. ڪوزو ڪيترو ننڍو هوندو آهي؟ ۽ سمنڊ ڪيترو وڏو هوندو آهي، يعني سمنڊ جيان گهڻين ڳالهين کي هڪ ننڍڙي جملي ۾ بيان ڪرڻ کي جوامعُ الڪَلم چيو ويندو آهي. مسلم شريف ۾ حديث پاڪ آهي، رسولِ اَڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: مون کي انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام تي ستن ڳالهين ۾ فضيلت ڏني وئي، (انهن مان به ڳالهيون هي آهن:) (1): اُعۡطِيۡتُ جَوَامِعَ الۡكَلِمِ، مون کي جَوَامِعُ الۡكَلِم (يعني گهٽ لفظ وڏيڪ معنٰي) عطا ڪيا ويا. (2): وَخُتِمَ بِيَ النَّبِيُّوۡنَ، ۽ منهنجي ذريعي نبوت جو سلسلو ختم ڪيو ويو.[1]

## عقيدهءِ ختمِ نبوت جي هڪ دليل

پيارا اسلامي ڀائرو! جَوامِعُ الۡڪَلِم (يعني ٿورڙن لفظن ۾ گهڻين ڳالهين کي بيان ڪرڻ) اهو محبوبِ ذيشان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم جو معجزو آهي ۽ الحمدللّٰه، هي معجزو به ان ڳالهه جي دليل آهي ته پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم آخري نبي آهن. پهريان جيڪي انبياء ڪرام عَلَيۡهِمُ السَّلَام ايندا هئا، اهي ڪنهن خاص قوم جا نبي هوندا هئا ۽ انهن جي هدايت جو زمانو به خاص هوندو هو، پوءِ ٻيا نبي تشريف ڪٺي ايندا هئا. اسان جا نبي، پيارا نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ واٰلِهٖ وَسَلَّم چوته آخري نبي آهن. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀني مخلوق جا نبي آهن ۽ قيامت تائين سڀني جي ئي هدايت تي عمل ڪيو ويندو، يعني پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيۡهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت تائين ايندڙ ❁ هر دؤر لاءِ ❁ هر صدي لاءِ ❁ هر قسم جي معاشري لاءِ ❁ هر هر طبقي لاءِ

1...مسلم، ڪتاب المساجد، صفحه:194، حديث:523 ملتقطاً.

۽ ❁ هر هڪ زندگي جي هڪ هڪ لمحي لاءِ هدايتون ڏيڻيون هيون ۽ وقت ڪيترو هو؟ 23 سال. تنهنڪري اللّٰه پاڪ کين جوامِعُ الڪلم جو معجزو عطا فرمايو. شان اها آهي تہ پاڻ ڪريم صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مختصر لفظن ۾ اهڙي طرح گفتگو فرمائيندا هئا جو انهن ۾ اهڙا مَعنٰي ۽ مفهوم هوندا هئا، جيڪي قيامت تائين ايندڙ ماڻهن جي هدايت لاءِ ڪافي ٿي ويندا آهن.

## قيامت تائين جون خبرون ڏئي ڇڏيون

مسلم شريف ۾ حديث پاڪ آهي، حضرت ابو زَيد رَضِیَ اللهُ عَنْهُ فرمائن ٿا: هڪ ڏينهن رسولِ اڪرم، نورِ مجسم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فجر جي نماز پڙهائي، پوءِ منبر تي تشريف فرما ٿيا، خطبو شروع ڪيائون. پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيان فرمائيندا رهيا، بيان فرمائيندا رهيا ايستائين جو ظهر جو وقت ٿي ويو. پوءِ پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم منبر تان لهي ظهر جي نماز ادا ڪيائون، وري خطبو شروع ڪيائون، ايستائين جو عصر جو وقت ٿي ويو. پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم هيٺ تشريف ڪٺي آيا، عصر جي نماز ادا ڪئي، وري خطبو شروع ڪيائون، ايستائين جو مغرب جو وقت ٿي ويو. ان ڏينهن پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم سڀ ڪجهہ بيان فرمايو.(1)

صحابہ فرمائن ٿا: ان ڏينهن ڪان پوءِ جڏهن بہ ڪو واقعو ڏسندا هئاسين تہ ائين محسوس ٿيندو هو جڻ هي واقعو اڳ ۾ بہ ٿيو آهي. جڏهن ذهن تي زور ڏيندا هئاسين تہ ياد ايندو هو تہ هيءَ تہ اها ئي ڳالهہ آهي جيڪا ان ڏينهن پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم بيان ڪئي هئي.(2)

سُبْحٰنَ الله! هن حديث پاڪ ۾ پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي علمِ غيب جو بيان آهي جو تہ پاڻ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم قيامت تائين جي خبرن کي

1...مسلم، كتاب الفتن، باب اخبار النبی...الخ، صفحہ:1108، حديث:2892۔
2... اعلام الموقعين، جلد:4، صفحہ:112 بتصرف۔

ڄاڻيندا هئا. غور ڪريو تہ صرف هڪ صدي جي تاريخ لکڻ لاءِ سوين صفحا لڳندا آهن. علّامہ ذَهَبي رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه جي ڪتاب آهي: تاريخُ الاسلام. هن ۾ پاڻ رَحْمَةُ اللّٰهِ عَلَيْه صِرْف 7 صدين جي اَهَم اَهَم واقعن ڪي ذڪر ڪيو آهي. 15 جلدن جي ڪتاب آهي ۽ هڪ هڪ جلد جا صفحا 500 ڪان وڌيڪ آهن. ڪو پڙهڻ ۾ چاهي ڪيترو ئي ماهر هجي، ان 7 صدين جي تاريخ کي هڪ ڏينهن ۾ پڙهي نہ سگهندو پر قربان وڃو! هي ڪلام مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي شان آهي، قيامت تائين اچڻ وارين ڪيئي صدين جون خبرون... اهي بہ صرف اهم اهم واقعا نہ بلڪ تفصيلي خبرون پاڻ ڪريم صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم صرف هڪ ڏينهن ۾ ارشاد فرمايون. هي آهي جَوامِعُ الكَلِم جي شان...!! انهيءَ ڪري تہ اسان چوندا آهيون.

میں نثار تیرے کلام پر، ملی یُوں تو کس کو زَباں نہیں
وہ سُخن ہے جس میں سُخن نہ ہو، وہ بیاں ہے جس کا بیاں نہیں[1]

## هڪ سبق ڏيندڙ حديث شريف

پيارا اسلامي ڀائرو! اسان جي آقا ۽ مولا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جا سيئي ارشاد بي مثال ۽ باڪمال آهن، هر حديث جي هڪ هڪ لفظ ۾ علم ۽ حڪمت جا دريا وهن ٿا. هن وقت رڳو پنهنجي نصيحت لاءِ هڪ حديث پاڪ ٻڌايان ٿو. حضرت واثلہ رَضِیَ اللّٰهُ عَنْهُ روايت ڪن ٿا تہ رسول ذيشان، مڪي مدني سلطان صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خَيْرُ شَبَابِكُمْ مَنْ تَشَبَّهَ بِكُهُوْلِكُمْ توهان مان بهترين جوان اُهو آهي جيڪو پوڙهن سان مشابهت رکندو هجي. وَشَرُّ كُهُوْلِكُمْ مَنْ تَشَبَّهَ بِشَبَابِكُمْ ۽ توهان مان بدترين پوڙهو اُهو آهي جيڪو نوجوانن سان مشابهت رکندو هجي.[2]

---

1... حدائق بخشش،صفحہ:107 ۔
2... مسندِ ابی یعلی، جلد:5، صفحہ:462، حدیث:7483۔

سُبْحٰنَ الله! ڪھڙو زبردست ڪلام آھي...!! يقين ڪريو، دنيا ۽ آخرت جي لحاظ کان ڪامياب زندگي گذارڻ جي لاءِ صرف ھڪ نصيحت ئي ڪافي آھي. ڏسو! اسان جي زندگي جا 3 حصا آھن: (1): ننڍپڻ (2): جواني (3): پوڙھائپ. ٻار جيڪو نابالغ ھجي، اھو تہ شرعي حڪمن جو پابند ناھي، پوءِ باقي ٻہ حصا بچن ٿا، جواني ۽ پوڙھائپ.

پياري آقا، مڪي مدني مصطفیٰ صَلَّى الله عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ھڪ لائن ۾ زندگي جا ھي ٻئي حصا گذارڻ جو طريقو ٻڌايو آھي تہ جيڪڏھن توھان بھترين جوان بڻجڻ چاھيو ٿا تہ پنھنجي سيرت ۽ ڪردار اھڙو ٺاھيو، جھڙو پوڙھن جو ھوندو آھي ۽ پوڙھائپ چڱي گذارڻ چاھيو ٿا تہ تہ اھڙين ڳالھين ۽ ڪردارن کان بچي وڃو جيڪي نوجوانن جا ھوندا آھن.

## پوڙھائپ جي متعلق اسان جا تصوُّرات

ھتي غور فرمايو! اسان وٽ پوڙھائپ جي متعلق ڇا تصوُّرات ھوندا آھن؟ مثلاً
❁ جيڪڏھن ڪو پوڙھو ماڻھو نچي رھيو ھجي، اسان ڏسي ڪري ڇا چوندا آھيون؟ بابا! پوڙھا ٿي ويا آھيو، ٽنگون قبر ۾ لٽڪي رھيون آھن، ھاڻ الله الله ڪريو! ھي ڪا عمر آھي نچڻ جي. ❁ اھڙي طرح جيڪڏھن ڪو پوڙھو ماڻھو سدائين آئينو سامھون رکي وار ناھڻ، ڪريم ۽ پائوڊر ۾ لڳل ھجي، تہ ڇا چيو ويندو: بابا! ھاڻ اھا توھان جي عمر ناھي. ❁ جيڪڏھن پوڙھو ماڻھو پارڪ، سمنڊ ڪناري، بازارن ۾ معاذالله! نامحرمن تي نظرون جمائيندو ھجي، بدنگاھي ڪندو ھجي، ❁ فلمون يا ڊراما ڏسندو ھجي ❁ معمولي ڳالھ تان ٻانھون چاڙھيندو ھجي، ❁ گاريون ڏيندو ھجي، ❁ اُن عمر ۾ بہ وڏن وڏن محلن جو خواب ڏسندو ھجي، ❁ ڏاڙھي ڪوڙيندو ھجي، ❁نمازون نہ پڙھندو ھجي، ❁ غلط مشورا ڏيندو ھجي، ٻين جو جيئڻ حرام ڪندو ھجي❁ فضول راندين

۾ لڳل هجي ❁ مطلب تہ گناهن وارن ۽ فضول ڪمن ۾ زندگي گذاري رهيو هجي تہ اسان ڏسي ڪري ڇا چوندا آهيون؟ عام طور تي اهو ئي چيو ويندو آهي: بابا! پوڙها ٿي ويا آهيو، خيال ڪيو! هاڻي الله الله ڪرڻ جي عمر آهي. يعني اسان جي ذهنن ۾ هي ڳالھ جميل آهي تہ جيڪو پوڙهو آهي ان کي گهرجي تہ اهو ❁ الله الله ڪري ❁ نمازون پڙهي ❁ ڏاڙهي وڌائي ❁ نيڪين ۾ جلدي ڪري ❁خوب عبادت ڪري ❁ حج تي وڃي❁ عمرو ڪري ❁ دنيا جي رنگينن کان منهن موڙي ❁ الله ۽ رسول جي ياڍَن ۾ گُم رهي ❁ هاڻي پوڙهو ٿي ويو، هاڻي بس پنهنجي آخرت جي تياري ڪري ❁ دنياداري کان جيترو ٿي سگهي پري رهي. ❁ هي پوڙهائپ جي متعلق اسان جا تصورات آهن، رسول ذيشان صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم فرمايو: خَيْرُ شَبَابِكُمْ مَنْ تَشَبَّهَ بِكُهُوْلِكُمْ يعني هي تصّورات جيڪي پوڙهن جي متعلق رکيا ويندا آهن، بهترين نوجوان اهو آهي، جيڪو پنهنجي جواني ئي ۾ اهڙن ڪمن ۾ لڳي ويندو آهي.

## پوڙهائپ ڪيئن گذاريون...؟

هي جواني گذارڻ جو سبق آهي. پوڙهائپ ڪيئن گذارڻي آهي؟ فرمايائون: وَ شَرُّ كُهُوْلِكُمْ مَنْ تَشَبَّهَ بِشَبَابِكُمْ **توهان مان بدترين پوڙهو اهو آهي جيڪو پنهنجي پوڙهائپ ۾ بہ نوجوانن وانگر مشابهت اختيار ڪري ٿو.**(1)

اسان جي معاشري ۾ عام طور نوجواني جي باري ۾ ڪهڙا خيال آهن؟ دنيادار قسم جا، غافل نوجوان زندگي ڪيئن گذريندا آهن؟ ۞ انهن کي سينگار مان فرصت ئي ناهي ملندي ۞ غفلتن ۾ زندگي گذاريندا آهن ۞ نماز طرف ناهن ايندا ۞ غلط ۽ بي حيائي واريون حرڪتون ڪندا ۞ گهٽين ۾ گهمندا رهندا ۞ فلمون ۽ ڊراما ڏسندا ۞ فحش ڳالهيون ڪندا ۞ عشقِ مجازي ۾ ڦاسندا

1... مسندِ ابی یعلی، جلد:5، صفحہ:462، حدیث:7483۔

۞ نامحرمن ۾ دلچسپي وٺندا ۞ وَن ويلنگ ڪندا ۞ تفريح کي زندگي جو مقصد سمجهندا ۞ ڪائڻ پيئڻ ۽ جسم ٻڌائڻ ۾ وقت گذاريندا ۞ شراب پيئندا ۞ فضول خرچي ڪندا ۞ آخرت جي تياري کان بي خبر هوندا ۞ وڏيون اميدون لڳائي ويهندا ۞ عام طور جواني ۾ ڏاڙهي نه رکندا ۞ وڏن محلن جا خواب ڏسندا آهن. ۽ اهڙيون ڪوڙ ڳالهيون آهن، جيڪي نوجوان ڪري رهيا هوندا آهن، پياري آقا صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم پوڙهن کي سمجهايو ته شَرُّ كُهُوْلِكُمْ مَنْ تَشَبَّهَ بِشَبَابِكُمْ يعني بدترين پوڙهو اهو آهي جيڪو اهڙن برن نوجوانن واريون حرڪتون ڪندو آهي.

**سبحان الله! ڪيڏي نه عظيم نصيحت آهي.** جواني ڪيئن گذارڻي آهي ۽ پوڙهائپ ڪيئن گذارڻي آهي؟ ان تي پورا پورا ڪتاب لکي سگهجن ٿا، پر اسان جي پياري نبي صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم سڄي زندگي جو سبق هڪ جملي ۾ ڏنو. پوءِ اسان چونه چئون:

میں نثار تیرے کلام پر، ملی یُوں تو کس کو زَباں نہیں
وہ سُخن ہے جس میں سُخن نہ ہو، وہ بیاں ہے جس کا بیاں نہیں[(1)]

پيارا اسلامي ڀائرو! هي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَالِهٖ وَسَلَّم جي ڪلامِ پاڪ جا شان مون عرض ڪيا، سچ اهو ئي آهي ته

زندگیاں ختم ہوئیں اور قلم ٹوٹ گئے
تیرے اَوصاف کا اِک باب بھی پُورا نہ ہوا

اڃا ان موضوع تي گهڻو ڪجهه چئي سگهجي ٿو، گهڻو ڪجهه لکي سگهجي ٿو پر حقيقت اها آهي ته اسان اُن جو شان بيان ڪرڻ جو حق ادا ڪري ئي

---

1... حدائق بخشش، صفحہ:107 ۔

نٿا سگھون.

اے رضا خُود صاحِبِ قرآں ہے مدّاحِ حُضُور
تجھ سے کب ممکن ہے پھِر مدحت رسول اللہ کی

بس الله پاڪ اسان کي پياري آقا، مڪي مدني مصطفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي سچّي پڪي غلامي سچو عشق ۽ سنتن جو ديوانو بڻجڻ جي توفيق نصيب فرمائي. اٰمِين بِجَاہِ خَاتَمِ النَّبِیّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم

## گفتگو جا آداب ڪتاب جي ترغيب

شيخ طريقت، امير اهل سنت مولانا الياس عطار قادري دامت برڪاتهم العاليه جو هڪ نهايت ئي پيارو ڪتاب آهي: **گفتگو جا آداب**. هي ڪتاب فيضان سنت جلد 3 جو هڪ حصو آهي.۞ اسان جي پياري آقا صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ وَآلِہٖ وَسَلَّمَ جي گفتگو ڪرڻ جو انداز ڪيئن هوندو هو؟ ۞ گفتگوءَ سان لاڳاپيل سنتون ڪهڙيون آهن؟ ۞ ان جا آداب ڇا آهن؟ ۞ زبان جو صحيح استعمال ڪيئن ڪرڻو آهي؟ ۞ ان جي غلط استعمال جا نقصان ڪهڙا هوندا آهن؟ وغيره ۽ ٻي ڪوڙ ديني معلومات هن ۾ شامل آهي.

هن ڪتاب کي **مڪتبة المدينه** تان حاصل ڪريو يا **دعوت اسلامي** جي ويب سائيٽ تان ڊائون لوڊ ڪري پڙهو! پاڻ به پڙهو! ۽ ٻين کي به ضرور ترغيب ڏياريو!

## 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: درس

پيارا اسلامي ڀائرو! الله پاڪ جي احڪامن، نبي پاڪ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جي سنت جي مطابق زندگي گذارڻ، شفاعتِ مطصفيٰ صَلَّی اللّٰہ عَلَیۡہِ واٰلِہٖ وَسَلَّم جو حقدار بڻائڻ وارن ڪمن جو جذبو ماڻڻ، نيڪ نمازي بڻجڻ جي لاءِ عاشقانِ رسول جي ديني

تحريڪ دعوتِ اِسلامي سان هردم وابستہ رهو، 12 ديني ڪمن ۾ خوب خوب حصو وٺو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! دنيا ۽ آخرت جون برڪتون نصيب ٿينديون. 12 ديني ڪمن مان هڪ ديني ڪم: درس بہ آهي.

مسجد ۾ علمِ دين سکڻ سنتِ مصطفيٰ آهي: اسان جا نبي، مڪي مدني صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم مسجدِ نبوي ۾ علمِ دين سيکاريندا هئا ۽ صحابہءِ ڪرام رَضِیَ اللهُ عَنْهُم سکندا هئا[1] وڏن وڏن ولِيَن ۽ عالِمن سڳورن جو هي طريقو رهيو آهي.

الحمد لله! دعوتِ اسلامي وارا عاشقانِ رسول بہ هن نيڪ ڪم جي سعادت حاصل ڪرڻ جي لاءِ مسجد ۾ درس ڏيڻ جو اهتمام ڪندا آهن.

❁ اوهان بہ هن ۾ شرڪت ڪندا ڪريو اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ❁ علمِ دين سکڻ جو موقعو ملندو ❁ اوتري دير مسجد ۾ ويهڻ جو ثواب ملندو ❁ نيڪ صحبت ۾ ويهڻ نصيب ٿيندو ❁ گهران ئي درس ۾ شرڪت جي نيت ڪري هلنداسين تہ راهِ علمِ دين ۾ هلڻ جو ثواب ملندو ❁ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! مخلوقات ايستائين جو دريا جون مَڇون بہ دعا ڪنديون. اچو! اوهان جي ترغيب جي لاءِ هڪ مدني بهار ٻڌايان ٿو. جيئن تہ

## فيضانِ سُنت جي مطالعي جي برڪت

ڪراچيءَ جي هڪ اسلامي ڀاءُ جو بيان آهي: هڪ ڀيري مان مغرب جي نماز پڑهڻ لاءِ مسجد ويس، نماز کان پوءِ ڏٺم تہ هڪ اسلامي ڀاءُ ڪنهن ڪتاب مان درس ڏئي رهيو آهي. مان بہ ويهي درس ٻڌڻ لڳس. جڏهن ڪتاب تي نظر پئي تہ معلوم ٿيو تہ هي فيضانِ سنت آهي. درس کان پوءِ مون ان اسلامي ڀاءُ کي درخواست ڪئي تہ مون کي پڑهڻ لاءِ فيضانِ سنت ڏيو. هنن ڪتاب ڏنو ۽ مان مسجد ئي ۾ ويهي پڑهڻ شروع ڪيو. مان روز ٿوري ٿوري پڑهندو رهيس. الحمدلله! هن بابرڪت ڪتاب پڑهڻ جي برڪت سان منهنجي اندر سنتن تي عمل ڪرڻ جو جذبو پيدا ٿيو، ۽ انهيءَ صدقي ۾ دعوتِ

1... مرآۃ المناجيح، جلد:3، صفحہ:239ماخوذاً۔

اسلامي جي ديني ماحول سان وابسته ٿيس ۽ سنتن پري زندگي گذارڻ جي ڪوشش شروع ڪري ڏني.

عطائے حبیبِ خدا دینی ماحول | ہے فَیضانِ غوث ورضا دینی ماحول
اگر سُنّتیں سیکھنے کا ہے جذبہ | تم آجاؤ دیگا سِکھا دینی ماحول

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## قرآن ٽيچر موبائل ايپلي ڪيشن

اي عاشقانِ رسول! اڄ ٽيڪنالاجي جو دور آهي. الحمدللّٰه! قرآنِ ڪريم جو فيضان عام ڪرڻ لاءِ دعوتِ اسلامي جي ***I.T*** ڊپارٽمينٽ هڪ موبائل ايپليڪيشن جاري ڪئي آهي، جنهن جو نالو آهي: **قرآن ٽيچر**.(Quran Teacher) ۞ هن ايپلي ڪيشن ذريعي درسِ نظامي، فيضانِ نماز ڪورس ۽ زڪوات ڪورس جهڙن بي شمار آن لائين ڪورسز لاءِ رجسٽريشن ڪرائي سگهجي ٿي.۞ **اسٽوڊنٽ پورٽل** (Student Portal) ذريعي پنهنجي آن لائن ڪلاس جي سرگرمين بابت ڄاڻ ملي ٿي.۞ دعوت اسلامي جي هن پليٽ فارم تي تقريباً 45 کان وڌيڪ اسلامي ڪورسَ ڪرايا وڃن ٿا. ۞ هي ايپلي ڪيشن آن لائن ٽيندڙ ڪورسن جي باري ۾ معلومات به فراهم ڪري ٿي، جتي اوهان پنهنجي مرضي موجب ڪنهن به ڪورس جو انتخاب ڪري، بنا ڪنهن مشڪل جي آن لائن قرآن سکي سگهو ٿا. هن ايپليڪيشن کي ڊائون لوڊ ڪري پاڻ به فائدو حاصل ڪريو ۽ ٻين کي به ترغيب ڏياريو!

## ڪجهه ضروري اعلانات

هر هفتي اميرِ اهلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه مدني چينل تي لائيو هفيوار مدني مذاڪرو فرمائيندا آهن، ايندڙ ڇنڇر تي به رات عشاء جي نماز کان بعد مدني چينل تي اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! هفتيوار مدني مذاڪرو ٿيندو، جنهن ۾ شيخ طريقت، اميرِ اهلسنت مولانا الياس عطار قادري دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَه سوالن جا جوابَ به

عنايت فرمائيندا. تمام ذميدار ۽ عاشقانِ رسول ھن مدني مذاڪري ۾ پاڻ بہ شرڪت فرمائن ۽ ٻين کي بہ ھن جي دعوت ڏين شيخِ طريقت، اميرِ اھلسنت دَامَتْ بَرَكَاتُهُمُ الْعَالِيَهْ ھر ھفتي ھڪ ديني رسالو پڙھڻ جي ترغيب ارشاد فرمائيندا آھن، ايندڙ ھفتي جي مدني مذاڪري ۾ رسالو **"روضہِ رسول جي باري ۾ دلچسپ معلومات"** جو اعلان ڪيو ويندو. ھي رسالو پاڻ بہ پڙھو! ٻين کي بہ ترغيب ڏياريو ۽ سوشل ميڊيا مثال طور واٽس ايپ وغيره تي رضاءِ الٰھي ۽ ثواب جي لاءِ ٻين کي بہ شئير (*Share*) ڪيو!

قرآنِ ڪريم ۾ الله پاڪ يَاَيُّهَا النَّاسُ سان ڪيترين ئي آيتون نازل فرمايون آھن، جن ۾ سيني ماڻھن لاءِ عام احڪام نازل ڪيا ويا آھن. ان احڪامن کي مفتي قاسم عطاري صاحب پنھنجي ڪتاب "اي انسانو!" ۾ آسان لفظن ۾ تشريح سان بيان ڪيو آھي. الحمدلله! ھن ڪتاب کي مڪتبۃُ المدينہ شايع ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪئي آھي.

توھان ھن ڪتاب کي 780 روپين ۾ مڪتبۃُ المدينہ جي ڪنھن بہ شاخ تان حاصل ڪري سگھو ٿا. ھن ڪتاب کي پاڻ بہ پڙھو! ۽ ٻين کي بہ ان جي ترغيب ڏيو!

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

پيارا اسلامي ڀائرو! بيان کي اختتام ڏي آڻيندي سنّت جي فضيلت ۽ ڪجھ آدابِ زندگي بيان ڪرڻ جي سعادت حاصل ڪريان ٿو. تاجدارِ رسالت، شھنشاھِ نبوت صَلَّى اللهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: مَنْ اَحَبَّ سُنَّتِي فَقَدْ اَحَبَّنِي وَمَنْ اَحَبَّنِي كَانَ مَعِيَ فِي الْجَنَّةِ جنھن منھنجي سنّت سان محبت ڪئي ان مون سان محبت ڪئي ۽ جنھن مون

سان محبت ڪئي اهو جنّت ۾ مون سان گڏ هوندو.[1]

سینہ تیری سُنّت کا مدینہ بنے آقا! | جنت میں پڑوسی مجھے تم اپنا بنانا

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

## ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ جون سنّتون ۽ آداب

فرمانِ آخري نبي، رسولِ هاشمي صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم: جڏهن توهان ڪنهن ٻانهي کي ڏسو تہ ان کي دنيا کان بي رغبتي ۽ گهٽ ڳالهائڻ جي نعمت عطا ڪئي وئي آهي تہ ان جي قربت ۽ صحبت اختيار ڪريو چوتہ ان کي حڪمت ڏني ويندي آهي.[2]

اي عاشقانِ رسول! مسڪرائي ڪري ۽ خوش مزاجي سان ڳالهہ ٻولهہ ڪريو ❁ مسلمانن جي دلداري جي نيّت سان ننڍن سان شفقت ڀريو ۽ وڏن سان ادب وارو انداز رکو، اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! ثواب بہ ملندو ۽ ننڍا وڏا سڀ توهان جي عزت ڪندا ❁ رڙيون ڪري ڳالهائڻ سنّت ناهي ❁ چڱي چڱي نيّتن سان ننڍن ٻارن سان بہ اوهان جناب سان ڳالهائڻ جي عادت بڻايو، توهان جا اخلاق بہ اِنْ شَآءَ اللّٰهُ الْكَرِيْم! عمده ٿيندا ۽ ٻار بہ آداب سکندا. ❁ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت پردي جي جڳهہ تي هٿ لڳائڻ، آڱرين جي ذريعي جسم جي ميراڻ لاهڻ، ٻين جي سامهون باربار نڪ کي هٿ لائڻ يا ڪن ۾ آڱر وجهڻ، ٿُڪندي رهڻ چڱي ڳالهہ ناهي، ان سان ٻين کي نفرت ٿيندي آهي ❁ جيستائين ٻيو ڳالهائي رهيو هجي، اطمينان سان ٻڌو. ان جي ڳالهہ ڪٽي ڪري پنهنجي ڳالهہ شروع ڪري ڇڏڻ سنّت ناهي ❁ ڳالهہ ٻولهہ ڪرڻ وقت بلڪ ڪهڙيءَ بہ حالت ۾ ٺهڪ نہ لڳايو جو سرڪار صَلَّى اللّٰه عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ڪڏهن بہ ٺهڪُ نہ ڏنو ❁بدزباني ۽ بي حيائي جي ڳالهين کان هر

---

1...تاريخِ مدينہ دمشق، جلد:9، صفحہ:343۔

2...اِبْنِ ماجہ، ڪتاب الزہد، صفحہ:667، حديث:4101۔

وقت بچڻ گهرجي، گارگند کان بچندا رهو ۽ ياد رکو تہ مسلمان کي بنا اجازتِ شرعي گار ڏيڻ قطعي حرام آهي ۽ بي حيائي جي ڳالھ ڪرڻ واري تي جنّت حرام آهي. حضور تاجدارِ مدينہ صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم جن فرمايو: ان شخص تي جنّت حرام آهي جيڪو فحش ڳالهائڻ سان ڪم وٺندو آهي.[1] فحش ڳالھ جي معنٰي هيءَ آهي: اَلتَّعْبِيْرُ عَنِ الْاُمُورِ الْمُسْتَقْبَحَةِ بِالْعِبَارَاتِ الصَّرِيْحَةِ يعني شرمناڪ ڪم (مثال طور خراب ۽ بُرن معاملن) جو کُليل لفظن ۾ تذڪرو ڪرڻ.[2]

ميری زبان تَر رہے ذِکر و درود سے | بے جاہنسوں کبھی نہ کروں گفتگو فضُول (3)

مختلف سنتون سکڻ لاءِ **مڪتبة المدينہ** جي بهار شريعت جلد 3، حصو 16، ۽ امیرِ اهل سنت مولانا محمد الياس عطار قادري دامت برڪاتهم العاليہ جو 91 صفحن جو رسالو **550سنتون ۽ آداب** خريد فرمايو. ان کي پڙهو ۽ سنتون سکو.

سنتون سکڻ جو هڪ بهترين ذريعو دعوتِ اسلامي جي مدني قافلن ۾ عاشقانِ رسول سان سنتن ڀريو سفر پڻ آهي.

قرض ہو گا ادا آ کے مانگو دعا | پاؤ گے برکتیں قافلے میں چلو
قَرض کا بار ہو، بے کسی یار ہو | چاہو گر راحتیں قافلے میں چلو

الله پاڪ اسان کي عمل جي توفيق عطا فرمائي.

اٰمِين بِجَاهِ خَاتَمِ النَّبِيّٖن صَلَّی اللّٰہ عَلَیْہِ والِہٖ وَسَلَّم

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيب! صَلَّى اللهُ عَلٰى مُحَمَّد

1...موسوعہ ابن ابی دنیا، کتاب الصمت، جلد:7/صفحہ:204، حدیث:325۔
2...550 سنتیں اور آداب، صفحہ:34۔
3...وسائلِ بخشش، صفحہ:243۔

# دعوتِ اسلامي جي هفتيوار سنتن ڀري

# اِجتِماع ۾ پڙهيا ويندڙ 6 درود شريف ۽ 2 دعائون

## ﴿1﴾ جمعه جي رات جو دُرُود

اَللّٰهُمَّ صَلِّ وَسَلِّمْ وَبَارِكْ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِ نِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ الْحَبِيْبِ الْعَالِي الْقَدْرِ الْعَظِيْمِ الْجَاهِ وَعَلٰى اٰلِهٖ وَصَحْبِهٖ وَسَلِّمْ

بزرگن فرمايو تہ جيڪو شخص هر جمعرات (جمعہ ۽ خميس جي وچين رات) هن دُرُود شريف کي پابندي سان گهٽ ۾ گهٽ هڪ ڀيرو پڙهندو موت جي وقت سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جي زيارت ڪندو ۽ قبر ۾ داخل ٿيڻ وقت بہ ايستائين هو ڏسندو تہ سرڪار مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم ان کي پنهنجي هٿن سان قبر ۾ داخل ڪري رهيا آهن.[1]

## ﴿2﴾ سمورا گُناه مُعاف

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا وَمَوْلَانَا مُحَمَّدٍ وَّعَلٰى اٰلِهٖ وَسَلِّمْ

حضرتِ سَيِّدُنا انس رَضِيَ اللهُ عَنْه کان روايت آهي تہ تاجدارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّم جن فرمايو: جيڪو شَخص هي دُرُود شريف پڙهي جيڪڏهن بيٺل هو تہ ويهڻ کان پهريان ۽ ويٺل هو تہ بيهڻ کان پهريان، ان جا گناهہ معاف ڪيا ويندا. [2]

## ﴿3﴾ رَحمت جا ستر دروازا

صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّدٍ

1 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة السادسة والخمسون، ص151ملخصًا
2 افضل الصلوات على سيد السادات، الصلاة الحادية عشرة، ص 65

جيڪو هي دُرُود شريف پڙهندو آهي ان تي رحمت جا ستر دروازا کوليا ويندا آهن.[1]

## ﴿4﴾ ڇهه لک دُرُود شريفن جو ثواب

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی سَیِّدِنَا مُحَمَّدٍ عَدَدَ مَا فِیۡ عِلۡمِ اللّٰہِ صَلَاۃً دَآئِمَۃً بِدَوَامِ مُلۡکِ اللّٰہِ

حضرت اَحمد صاوِي رَحمَۃُ اللّٰہِ عَلَیہ ڪِن بُزرگن کان نقل ڪن ٿا هن دُرُود شريف کي هڪ ڀيرو پڙهڻ سان ڇهه لک دُرُودشريف پڙهڻ جو ثواب حاصل ٿيندو آهي.[2]

## ﴿5﴾ قُربِ مُصطَفٰي ﷺ

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ کَمَا تُحِبُّ وَ تَرۡضٰی لَہٗ

هڪ ڏينهن هڪ شَخص آيو تہ حُضُورِ اَنور صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ کيس پنهنجي ۽ صِدّيقِ اڪبر رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُ جي وچ ۾ ويهاريو، انهيءَ تي صَحابَہ ڪرام رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡہُم کي تَعَجُّب ٿيو تہ اهڙي مرتبي وارو شخص ڪير آهي جڏهن اهو هليو ويو تہ سرڪار مدينہ صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هو جڏهن مون تي دُرُودِ پاڪ پڙهندو آهي تہ هيئن پڙهندو آهي.[3]

## ﴿6﴾ دُرُود شَفَاعت

اَللّٰھُمَّ صَلِّ عَلٰی مُحَمَّدٍ وَّ اَنۡزِلۡہُ الۡمَقۡعَدَ الۡمُقَرَّبَ عِنۡدَکَ یَوۡمَ الۡقِیَامَۃِ

شافع امم صَلَّی اللّٰہُ عَلَیۡہِ وَاٰلِہٖ وَسَلَّمَ جن جو فرمان معظم آهي : جيڪو شخص هي درود پاڪ پڙهي ان جي لاءِ منهنجي شفاعت واجب ٿي ويندي آهي.[4]

---

1... القول البديع، الباب الثانی، ص277
2... افضل الصلوات علی سید السادات، الصلاۃ الثانیۃ والخمسون، ص149
3... القول البديع، الباب الاول، ص3125
4... الترغیب والترھیب، ج 2، ص 329، حديث 31

## ﴿1﴾ هڪ هزار ڏينهن جون نيڪيون

جَزَى اللّٰهُ عَنَّا مُحَمَّدًا مَا هُوَ اَهْلُهٗ

حضرتِ سَيِّدُنا ابنِ عباس رَضِیَ اللّٰہُ عَنۡهُمَا کان رِوايت آهي تہ سرڪارِ مدينہ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ جن فرمايو: هي درود شريف پڙهڻ واري جي لاءِ ستر فرشتا هڪ هزار ڏينهن تائين نيڪيون لکندا آهن.[1]

## ﴿2﴾ ڄڻ شبِ قدر حاصل ڪري ورتي

لَآ اِلٰهَ اِلَّا اللّٰهُ الْحَلِيْمُ الْكَرِيْمُ ، سُبْحٰنَ اللّٰهِ رَبِّ السَّمٰوٰتِ السَّبْعِ وَرَبِّ الْعَرْشِ الْعَظِيْم

(خداءِ حليم و ڪريم کان سواءِ ڪوئي عبادت جي لائق ناهي، اللّٰه عَزَّوَجَلَّ پاڪ آهي جيڪو ستن آسمانن ۽ عرشِ عظيم جو پروردگار آهي)

**فرمانِ مصطفيٰ** صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ: جنهن هن دُعا کي ٽي ڀيرا پڙهيو ڄڻ ان شبِ قدر کي حاصل ڪري ورتو.[2]

صَلُّوْا عَلَى الْحَبِيْب! صَلَّى اللّٰهُ عَلٰى مُحَمَّد

1... مجمع الزوائد،كتاب الادعية،باب فی كيفية الصلاة...الخ،254/10،حديث:17305

2... ابنِ عساکر ج 19، ص 155، حديث 4455